بسم الله الرحمن الرحيم

# سفر نامه حجاز

براستي

## عراق و شام و نجد

از تاليفات

قدوة العارفين عمدة الصالحين، مرشد دوران
عارف زمان حضرت حافظ حاجي خواجه
محمد حسن جان قدس سره العزيز
وافاض علينا فيوضاته

قيمت ۸/

سان اهتمام

فقير حاجي عبدالله صاحب لغاري ڇپائي پڌرو ڪيو.

مسٽر محمد نسيم تلوي بلوچ ليٿو پريس لارنس روڊ ڪراچي ۾ ڇپيو

# سفرنامہ عراق وشام

## براستہ نجد وبیت الحرام

از

جناب فضائل انتساب قدوة السالکین
مقتداء العارفین جناب خواجہ خواجگان
خواجہ محمد حسن جان صاحب مجددی
سرهندی سجادہ نشین درگاه
ٹنڈو سائیں داد

---

مترجم

جناب مولانا حاجی اللہ بخش
ولد آخوند کمال الدین عفا اللہ عنہما
ساکن در پیلو تعلقہ کنڈیارو

---

سب حق بحق واسطہ قائم

دفعہ پہلو عدد ۱۰۰۰

قیمت فی جلد

مطبوع نه هئڻ ڪري جن جن صاحبن وٽ قلمي نسخو هو تن ان کي
هر زمان بنائي ساهه وانگر سانڍيو ٿي آخر جناب وڏيري غلام عيسيٰ
لاکي هن محمدآڻي هن ڪتاب کي سنڌي جامي پهرائي آجو ڪم
ڪيو ان سنڌي نقل تان فقير حاجي عبدالله لغاري نقل ڪيو جنهن
اهو نقل پنهنجن دوستن ۽ مشفقن کي ڪيتي ڪتي پي ڦيڪاريو جنهن
جنهن صاحب ڪتاب ڏٺو تنهن هن ڪتاب کي طبع ڪرائي
عام ڪرائڻ تي زور ڏنو خصوصاً جناب مولوي حاجي عبدالله
احمداڻي صاحب ساڪن ٺٽي وغلام علي ۽ جناب فقير حاجي نصير
صاحب ۽ حاجي الهه بچايو عباسي صاحب ساڪن آگهم ڪوٽ
جناب مولوي عبدالرؤف صاحب بختيارپوري، جناب مولوي
محمد صادق صاحب موراني، جناب قاضي سعيد محمد صاحب
هالوي، جناب قاضي محمد اسحاق صاحب هيڊ منشي، جناب
وڏيرو غلام حسين صاحب لاڪو ساڪن لاڪا تعلقه ڪنڊيارو
۽ جناب مسٽر نور محمد صاحب مختيارڪار صاحب ميرپور بٺورو
انهن صاحبن هن ڪتاب جي طبع ڪرائڻ لاءِ فقير حاجي
عبدالله تي گهڻو زور آندو ان ڪري هن صاحب همت
ڪري زر ڪثير خرچ ڪري هي ڪتاب ڇپائي صديه ناظرين
ڪيو آهي ته پڙهي عوام الناس سنڌي دلن صاحب برهن
سان فيضياب ٿين. ع گر قبول افتد زهي عز و شرف،

الله بخش عفا الله عنه

# بسم الله الرحمن الرحيم

سڀ تعريف الله تعاليٰ جل جلاله کي جڳائي جنهن اسان کي (اسلام جي) هدايت ڪئي ڇو ته جيڪڏهن الله تعاليٰ هدايت نه ڪري ها ته اسين هدايت وارا ڪو نه ٿيون ها. ۽ صلواتون ۽ سلام اسان جي سردار ۽ آقائن جي مولىٰ حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم تي جنهن جو اُمي نبي ۽ طاهر ۽ زڪي آهي ۽ ان جي اولاد ۽ ان جي پاڪ اصحابن تي جن ۽ انهن تي به جن جيڪي انهن جا تابع ٿيا.

اما بعد - هي ذڪر حجاز، شام ۽ عراق جي سفر جي بيان ۾ لکيو ويو آهي جو هڪ يادگار لاءِ آهي پڙهڻ لکڻ جو اهو ۽ مطلب آهي ته جيڪي پاڙاها وات وڃن سي به هن مان فائدو وٺن. ان جو تفصيل هن ريت آهي

ڪاتب الحروف فقير محمد حسن مجددي عفي عنه کي گهڻي وقت کان وٺي عراق ۽ شام شريف جي سفر ۽ حرمين شريفين جي آستان بوسي جو شوق دامنگير هو پر جنهن کي ڪاج امر مرهون باوقاته جو هڪ سبب تي غالب آهي يعني سڀ ڪو امر پنهنجي پنهنجي مدي لاءِ گروي آهي تنهن ڪري منهنجي هي خواهش تڏهن پوري ٿي جڏهن هجري سنه ١٣٣٢ تيرهن سو ٻٽيهه هو. ٢٣ تاريخ ماه شعبان المعظم مطابق

پي گهريائون. جيڪي ملڻ پي سو وٺندا وري به جهاز جي پويان
اٽڪل ميل کن تائين پي ڊوڙيا جڏهن ٿڪائجي پيا اڳتي وڃڻ جو
ارادو لاٿائون تڏهن پترن جنبن سان جهاز وارن سان الوداع
ڪيائون ڪيترن جاين تي ڪارن برقعن سان عورتون
لوڏ جا وڏا طبق پري جهاز جي ٻنهين پاسي ڊوڙنديون لوڏ جي
وڪري جا هوڪا ڏينديون ٿي هليون لوڏ جو اگهه تمام سستو هو
سيڪو طبق جنهن ۾ اٽڪل ڏهه سير لوڏ جا ٿيندا سو چئن آنن
تي وڪيائون. ازالعبد ڏينهن صبح جي وقت جهاز ڪرت بندر تي
پهتو اتي جهاز اٽڪل ٽڪلاڪ ترسيو مانجهن سفر لاءِ ضروري
شيون بندر تان آنديون پوءِ جهاز روانه ٿيو.

فائده - دجله هڪ درياءُ آهي جنهن جو مُنهن شام
جي اتر وارن جبلن ۾ روم جي ڏکڻ وارن جبلن مان آهي. هي
درياءُ اتان نڪري عراق عرب جي ملڪ ۾ اچي ٿو ۽ بغداد شريف
جي وچان لنگهي ٿو ۽ عماره بندر جي نزديڪ ٿئي ٻه شاخون ٿئي ٿو
انجو پاڻي تمام مٺو آهي انجي وڏي شاخ بصره ڏي وڃي ٿي جتي
فرات درياء سان وڃي ٿي گڏجي. فرات درياء حلب جي جبلن
مان نڪري ٿو انجو پاڻي اهڙو ته وڻندڙ ۽ مٺو آهي جو مثال ۾
انجا پهاڪا ڏيندا آهن. بصره شهر کان پوءِ هي درياء هند و
فائربندر جي وچ بصره کان اٽڪل چاليهن ميلن پنڌ تي

وڃي کاري سمنڊ ۾ پوي ٿو ان سمنڊ کي خليج فارس (ايراني نار)
چوندا آهن زمين جي سنئين پٽ هجڻ سبب سمنڊ ۾ وير چڙهڻ
وقت هن درياء ۾ ٻيڙيون وقت بصره تائين وير چڙهندي آهي
۽ ان وقت کان وٺي انجو پاڻي چڙهي اتي ٿي باغن ۽ پوکن کي
سيراب ڪري ٿو پهچندو، بعد موٽ کائي وري سمنڊ ۾ وڃي ٿو
پوي. ان ڪري صبح جي وقت درياه جو پاڻي سمنڊ کان بصره
ڏي ۽ شام جو بصره کان سمنڊ ڏي وهندو وڃي ٿو. هي به
الله تعالى جل شانه جي قدرتن مان هڪ عجيب قدرت
آهي جو هيتري ساري مخلوقات جي آبادي لاءِ مٺو پاڻي
سمنڊ جي کاري پاڻي کان مٺائي آڻي ٿو هن فقير جو سفر هم
اونهاري ۾ واقع ٿيو هو ۽ وري ماه رمضان شريف به انهي
موسم ۾ تشريف آندي جو هڪ به روزو بصره شهر ۾ ۽
پنج ڇهه روزا بغداد شريف ڏي ويندي جهاز ۾ رکيا سين. سخت جي
گرمي ۽ جهولي جي شورش گڏجي هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ٿي ڪئي
پر الحمد لله الله تعالى جا لک شڪرانا آهن جنهن توفيق ڏني
۽ ٿورن ضعيفن کان سواءِ روزي جي شرف کان محروم نه رکيو.
انهن ضعيفن عذر جي سبب روزا ترڪ ڪيا وهو الموفق والمعين
بصره جي نزديڪ اٽڪل ٻه ميلن پنڌ تي ٻه اصحابي سڳورا
هڪ حضرت طلحة الخير رضي الله تعالى عنه ۽ ٻيو حضرت

زبير بن العوام رضي الله تعالیٰ عنه جي بني عشرة المبشرة
بالجنة مان آهن انهن جون تربتون آهن ۽ حضرت حسن
بصري رضي الله تعالیٰ عنه جي زيارت به انهن جي قريب آهي
پر بصره جي اعرابين (رواهڻائن) جي بغاوت سبب زيارت
جو رستو بند هوان کري زيارت جو شرف حاصل نه ٿيو.
جٿ هن جهاز بغدادکي وڃڻو هيو تڏهن مدائن جو شهر جنهن ۾
نوشيروان بادشاه جو سفيد محلات هوءِ جو شهر تاريخ جي
ڪتابن ۾ مشهور معروف آهي سو ڏسڻ ۾ آيو پر گوهڪ منٽ
جو ڏڌو هوان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿي ڏٺوان وقت حضرت
عمر خيام جي رباعي بي اختيار زبان مان نڪري ويئي

آن قصر که بر چرخ همی زد پهلو
بر درگه او شهان نهادندے رو
دیدیم که بر کنگره اش فاخته
نشسته همی گفت که کوکو کو

ترجمه

محلات جنهن ڳاٽ ڪنيو عرشن تي۔
شاهن جو متو هيٺ سند من فرشن تي۔
اڄ ڳيرو ڳجي لوڏي ڪئي ٿي ڪوڪو ڪو*

* ڪوڪو ڳيري جو آواز آهي پهرين لفظ جي معني آهي ته ڪٿي آهي ڪٿي آهي؟

آئي ڪرائي مغرور ڪري چار ڄڄ اور تاسين ٻمبئي جون ٽڪيٽون جو ٻيڻو
ٿيڻ ورتيون سين سي ائين ئي اسان وٽ رهيون پر هنيو بالڪل
بيڪار هيون معلوم ٿيو ته هنير هتان جهاز ٻمبئي ڏي وڃڻ لاءِ
مشڪل ملندو. چوندا آهن ته ”بيرُ عمر ڪيترو به ڪوشش ڪري پر
پيٽ اتي وڃي ڇڏيندي جتي خدا جو حڪم هوندو.“ الهي قضا
اسان کي برڪتن جو ڪتي اچي اڇليو. بهرحال ان سڀ جي ڪري اسان
ڏيهن تائين بيڪار ويٺا هوا سين، ان ڪمال مايوسي ۽ بي حد
نا اميدي ۾ هڪ عريضي جناب سرور عالم صلى الله عليه وسلم
جن جي حضور ۾ فرياد طور لکيم.

## مناجات

يا حبيب الله خذ بيدي — ما لعجزي سواك مستندي
كن رحيما لذلتي واشفع — يا شفيع الورى الى الصمدي
اعتصامي سوى جنابك لي — ليس يا سيدي الى الاحدي
صلواتي عليك في الملوين — كان متجاوزا عن العددي
وعلى الصحب كلهم اجمع — هم نجوم الهداء والرشدي
وعلى التابعين هم كانوا — لخيام السداد كالوتدي
استغيثوا لعاجز مضطر — شمروا ذيلكم الى المددي

يعني - اي خدا جا دوست! منهنجو هٿ وٺ، ڇو ته تو کان سواءِ
منهنجي ڪا پناهه ڪانهي.
منهنجي ذلت تي رحيم ٿي - اي سڀني جهان جا شافع خدا وٽ
ڪريم وٽ منهنجي سفارش ڪر.

اي منهنجا مُرادا! تنهنجي چائنٺ کان سوالي ٻيو ڪو به منهنجو [illegible] ڪونهي

منهنجون صلاتون رات ڏينهن مٿي تو تي اٿئيون آهن جن جي حد ۽ حساب ڪونهي.

۽ سڀني اصحابن تي جن جي هدايتن ۽ سڌي رستي جا تارا آهن

۽ تابعين تي جي سچائي جي ٽنبن جا ڪلا آهن

هن عاجز پريشان جي فرياد ٻڌ ۽ مدد ڏانهن پنهنجي دامن پڪڙيو.

هي ۽ ٻيا شوق جا قصيدا لکي ٽپال ۾ شيخ شمس الدين مدني ڏانهن مدينه شريف ڏانهن موڪليم ۽ لکيم ته هي عرضيون روضه شريف جي جارن جي دري مان اندر داخل ڪجو. قدرت الهي اچو ٻن ڏينهن کان پوءِ خلاصي جو رستو پيدا ٿيو جو انگريزي قونصل خاني آفيس ۾ بمبئي وارن ورتلن ٽڪيٽن لاءِ ڪوشش ڪئي ورتي. آخر قونصل هي فيصلو ڪيو ته ڪويت جي والي شيخ مبارڪ جي جهاز ۾ جو ڪويت واسطي دجله مان مٺو پاڻي کڻڻ لاءِ انهن ٻن ٽن ڏينهن اندر آيو هو تنهن ۾ سوار ٿي ابوشهر ۾ وڃي في ماڻهو ست رپيا ڪرايو ڏني ان کان پوءِ انگريزي ٽپال جو جهاز ابوشهر ۾ بيٺو آهي ان تي سوار ٿي بمبئي وڃو. رفيقن لاچار ٿي اهو به قبول ڪيو

ماه شوال سنه ١٣٣٢ هه جي اٺين تاريخ بصره مان شيخ

گڏ ڀلن تانجو مڪه معظمه تائين رفاقت ڪيائون سيئي رفيقن
کي انجو ڏاڍو عجب ٿي لڳو ۽ سڀڪنهن شخص پنهنجي پنهنجي خيال
موجب انهن بہ نسبت راءِ پئي ڏني ليڪن سچي حقيقت الله
تعالیٰ جلشانہ کي معلوم آهي

ماه ذوالحج جي ستين تاريخ آگري ڏينهن خيريت سان
مڪه مڪرمه زادها الله شرفا وتعظيما ۾ داخل ٿياسين ۽
محله مسفلہ ۾ شيخ عبدالله بن حسن سنڌي مطوف
جي جاءِ جي نزديڪ جاءِ ورتي سين ۽ نئون وضو ڪري
حرم شريف ۾ وياسين ۽ طواف قدوم بجا آنداسين سڀني
جماعت کي فقط حج جو احرام هو ان ڪري طواف قدوم
کان پوءِ بہ احرام ۾ رهياسين.

حسن اتفاق سان اٺين رات يعني ذوالحج مهيني جي ستين
تاريخ جي رات اخوي ميان محمد حسين جان صاحب بمبئي
۾ جيڪو جهاز رستي سنڌ کان مڪه مڪرمه ۾ پهتو هو ۽ سنڌ
جي مشهور ماڻهن مان پيا به ڪيترا ملاقي ٿيا اهو ڏينهن يعني
ستين تاريخ مڪه مڪرمه ۾ رهي پئي ڏينهن اٺين تاريخ
اربع ڏينهن شيخ عبدالله جي معرفت عرفات لاءِ اٺ
في سڳنف مڪ ڪيا يعني پند رهين رپئين پاڙي تي ڪري
عرفات ڏي روانا ٿياسين اگين جي وقت منا ۾ پهچي اچي منزل
ڪئي سين شرع جي حڪم موجب رات اتي رهياسين تاريخ
خميس ڏينهن صبح جو فجر نماز کان پوءِ منا مان روانا ٿيا